مختيار احمد ملاح

# انگريزن جي دور ۾ سنڌي ۾ ٿيل ترجما

## (ادبي واڌارو يا سياسي مقصد)


***Abstract:***

**Translation of Literature from English to Sindhi during British Empire**

*(Literature Development or Political Achievement)*

*The nineteenth century is the transitional period in the history of Sindh. In this era, the power of the Government switched over to the British Empire. The new rulers brought with themselves inventions; discoveries and knowledge into Sub-continent. The governing nations always try to convince the subjugated nations that their emperor is set by God over them. The British era also reminded the masses here that they have not come forcibly over them but rather have sent them power for their own good and the loyalty of the people to the government will be good for them. The British Government officially patronized and developed overall texture of Sindhi Language, literature and the education also. The new rulers patronized a different kind of trend in Sindhi literature, which was based on idea that British has come to them for their betterment and God has sent them to take progressive initiatives for the Sindhi people. In this regard, they through their employees and translators backed novels, dramas, stories, poetry and history books which had great admiration for the British people for their wisdom, bravery and superiority over all nations of the world.*


**حاڪم** قومون محڪوم قومن کي هميشہ اها ڳالھ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن تہ سندن حڪومت مٿن خدا طرفان مڙهيل آهي. سنڌ ۾ جيڪي بہ پرڏيهي حاڪم آيا، انهن سنڌين تي نہ فقط پنهنجي ٻوليءَ کي مڙهيو، پر تعليم، ادب، سرڪاري ڪاروبار لاءِ هنن پنهنجي ٻوليءَ کي زوري مڙهيو. آرين کان ويندي فارسي ٻولي ڳالهائيندڙن تائين هنن نہ صرف پنهنجي ٻولي مڙهي، بلڪ پنهنجو ادب، تعليم، فلسفو، ثقافتي قدر ۽ معاشرتي اثر بہ زبردستي مڙهيا. جڏهن تہ انگريزن جو عمل ان جي





ابتڙ هو، هنن پنهنجي ٻولي مڙهڻ بدران، نئين حڪمت عملي آٽي سنڌي ٻوليءَ کي هٿي وٺرائي، تنهن هوندي بہ ويچار پنهنجا مڙهيا. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ان ڏس ۾ لکي ٿو تہ: ”حاڪم قومون هميشہ محڪوم قومن کي اها ڳالھ سمجھائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن تہ هيءَ شهنشاهت سندن مٿان خدا طرفان مقرر ڪيل آهي. انگريزن بہ هتان جي عوام کي اها ڳالھ ذهن نشين ڪرائڻ چاهي تہ سنڌ وارن تي هنن زوريءَ حڪومت نہ آندي آهي، بلڪ قدرت سندن ڀلي لاءِ کين موڪليو آهي. حڪومت سان وفاداريءَ ۾ سندن ڀلو آهي.“(۱) ان سوچ کي سمجھڻ لاءِ اسان کي وڏيڪ تحقيق ڪري، تاريخي پسمنظر ڏسڻو پوندو تہ سنڌ تي حڪومت ڪندڙن ڪهڙو فلسفو ۽ سوچ عام ماڻهن تي زبردستي مڙهي.

سنڌ، قديم دؤر کان تهذيب يافتہ هئي، ان ڪري ٻوليءَ کي حاڪميت حاصل هئي. ”موهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان سنڌ جي قديم ترين صورتخطي جا دروازا کليا. هنن مهرن مان خبر پئي تہ هتان جا رهندڙ ماڻهو، جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي بہ سگهندا هئا. سندن لکت انتهائي خوبصورت هئي. سنڌو لکت جي مهرن تي نظر ايندڙ تصوير ۽ تحرير اهڙي تہ سهڻي من مُهڻي آهي جو انهن جو دنيا ۾ مثال ئي ڪونہ آهي. هن حقيقت مان سمجھ ۾ اچي ٿو تہ ان دور جا سنڌي ڏاڍا سياڻا سيبتا ۽ سمپورنج ماڻهو، ڏاهپ ۽ ڏات جا ڌڻي هئا. آرين جي قومي ۽ ڌرمي زبان سنسڪرت هئي ۽ هو ديوناگري رسم الخط ۾ لکت پڙهت ڪندا هئا. هنن ديوناگريءَ کي 'ديوتائن جي لکت' سڏيو. ”جڏهن آرين سنڌو ماتريءَ تي قبضو ڪيو تڏهن حاڪمن جي ٻوليءَ هيٺ ڪري آرين جي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ هوندو، رگ ويد ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي آريائي نہ هئا، اهي قديم سنڌ جي ماڻهن جا هئا. جڏهن آريا هن ڌرتيءَ تي پهتا، تڏهن هنن ڏٺو تہ هتان جا ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي بہ سگهندا هئا. ويد ننڍي ڪنڊ جو سڀ کان قديم ادبي خزانو آهن، جنهن بابت عام طرح راءِ بيٺي آهي تہ ۱۵۰۰ کان ۲۰۰۰ تائين قبل مسيح جي عرصي جا لکيل آهن. ويدن ۾ گنگا جو ذڪر ٻہ دفعا ملي ٿو، سنڌو درياھ ۽ ان جي شان کي ٽيھ ڀيرا ڳايو ويو آهي.“(۲) آرين ، سنڌو ماتريءَ ۾ ديوناگري لپي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ کي نافذ ڪيو ۽ آريائي فڪر پکيڙيو.

'رامائڻ' ۽ 'مها ڀارت' جي دورن کانپوءِ سنڌ ۾ طاقت جو محور هڪ دفعو

ڦيرو بدليو، سنڌ تي ايرانين ڪاهون ڪيون، سڪندر اعظم سنڌ تي ڪهي آيو ۽ ڪي ٻيا قبيلا سنڌ تي حملا آور ٿيا. سنڌ ۾ يوناني دور ڪاٺپوءِ موريا گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي. چندرگپت جي دربار ۾ سنسڪرت جا ڪيترائي پنڊت، جوتشي ۽ شاعر هئا، جن مان ڪاليداس سنسڪرت ٻولي جو وڏو ڄاڻو ٿي گذريو آهي. هي دور سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو دور هو. گوتم ٻڌ جي قولن کي پالي لپي ۾ پيش ڪيو ويو. ان ڏس ۾ جئرام داس دولت رام لکي ٿو ته: ”موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان نڪر جا پنج ٽانو لڌا اٿن، جي پاٽي پيئڻ جي ڪم ايندا هئا. هر هڪ ٽانءَ تي اکريل آهي ته ٻڌ ڌرم جي کهڙي بکشوءَ جي پيئڻ جو اهو ٽانءُ هو. اها لکت پالي ٻولي ۽ براهمي لپيءَ ۾ آهي... پالي ٻولي به سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ سنڌ ۾ گهڻو ڳالهائيندڙ هئي، ان جو سنڌي ٻوليءَ سان جيڪو ناتو هو، تنهن تي اڃان اونهي کوج ڪانه ٿي آهي، جيڪا ٿيڻ گهرجي ، منجهس ڪيترائي اکر آهن، جي سنڌي جهڙا آهن.“[۳]ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ٻڌ ڌرم وارن نه صرف پنهنجو مذهبي پرچار ڪيو پر پالي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ سرڪاري طور نافذ ڪيو. راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي دورن لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته: ”معاشري ۾ مقامي ٻوليءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي، جنهن جي ثابتي آثار قديمه مان ملي چڪي آهي ته وري عرب سياحن جي سفرنامن ۽ عرب مورخن جي تاريخن مان به اهڙي سند ملي چڪي آهي. سنڌي تحرير لکڻ جو رواج پايهءِ ثبوت کي پهتل هو، جنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو ادب ڪنهن نه ڪنهن پد تي ضرور پهتل هو. ننڍي ڪنڊ ۾ ديو مالا ڪان ڌرمي ادب جو ان وقت دور هو، جنهن ڪان هي خطو وانجهيل نه هوندو.“[۴]

عربن، سنڌ ۾ عربي تعليم، ادب ۽ عربي ٻوليءَ کي هٿي وٺرائي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ان سلسلي ۾ لکيو آهي ته: ”عرب دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمائي ۾ واڌارو ٿيو ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ، صورتخطي ۽ صرف و نحو تي اثر پيو. سنڌي ٻولي عربي صورتخطي ۾ لکجڻ لڳي ۽ اها صورتخطي وڏيڪ عام رائج ٿيڻ لڳي، جيتوڻيڪ ٻيون مقامي صورتخطيون پڻ هلنديون هيون.“[۵]عربن جي دور ۾ سنڌ جو علم، ادب ۽ ڪاروبار عربيءَ ۾ هلندو هو. هن دور ۾ قرآن شريف جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو. سومرن ۽ سمن جي دورن ۾ فارسيءَ کي وڌڻ جو موقعو مليو. غورين، غزنوين، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دورن





۾ فارسي ادب ۽ ٻوليءَ جو عروج هو. هنن دورن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون ۽ هنن دورن ۾ مشهور هو ته: ’فارسي گهوڙي چاڙهسي‘. سنڌ جا نالي وارا عالم ۽ اديب، فارسي زبان ۾ شعر ۽ نثر لکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. هنن دورن ۾ فارسي تاريخون انهن عالمن ۽ اديبن جون لکيل آهن، جيڪي سرڪاري درٻارن سان وابسته هئا. سنڌن تاريخن ۾ قصه گوئي وڌيڪ آهي. عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جي ڄاڻ گهٽ آهي. سنڌ جي لوڪ قصن ۽ داستانن کي فارسيءَ ۾ لکيو ويو. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ جي باري ۾ ڪيترائي ڪتاب فارسي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا. ان ڏس ۾ هي ڪتاب خاص ذڪر جوڳا آهن : سيد محمد بن بايزيد پوراني ’نصرت نامهء ترخان‘ (سن ۹۶۸ھ/۱۵۶۰ع) ، مير محمد معصوم بکري ’تاريخ معصومي بکري‘ (سن ۱۰۰۹ھ/۱۶۰۰ع)، سيد عبدالقادر ٺٽوي ’حديقته الاولياءَ‘ (۱۰۱۶ھ/۱۶۰۷ع)، ادارکي بيگلاري ’بيگلار نامه‘ (سن ۱۰۱۷ھ/۱۶۰۸ع)، سيد محمد طاهر نسياني ٺٽوي ’تاريخ طاهري‘ (سن ۱۰۳۰ھ/۱۶۲۰ع)، يوسف ميرڪ ’تاريخ مظهر شاهجهاني‘ (سن۱۰۴۴ھ/ ۱۶۳۴ع) ۽ سيد ميران محمد ’ترخان نامه‘ (سن ۱۰۶۵ھ/۱۶۵۴ع) وغيره. صوفين جا ملفوضات به هن دور ۾ لکيا آهن. مثال طور ٺٽي جي ميان محمد رضا ’بيان العارفين في التنبيهه الغافلين‘ (سن ۱۰۳۸ھ/۱۶۲۸ع) ۾ لکيو، جنهن ۾ پنهنجي مرشد شاه ڪريم (بُلڙي وارو) ، جا شعر ۽ گفتگو فارسيءَ ۾ لکي محفوظ ڪيائين. ڏارين حاڪمن سنڌ جي ثقافت کي سمجهڻ لاءِ ، هتان جي عشقيه داستانن بابت فارسي نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب تيار ڪرايا، جن ۾ ادارکي بيگلاري جو ’چنيسر نامه‘، ’حسن و عشق‘، مير محمد معصوم جو ’ناز و نياز‘ اهم آهن. فارسيءَ ۾ لکيل تاريخون، درٻاري مورخن ۽ ليکڪن جون لکيل آهن. انهن ۾ گهڻو ڪري بادشاهن جو احوال، اميرن جو بيان، لڙاين جا قصا ۽ ملڪ گيريءَ جا داستان ڏنل آهن. عوامي خوشحالي يا تنگدلي جو احوال بنهه گهٽ ڏنل آهي يا هوندو ئي نه آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ پڻ فارسي پنهنجي عروج تي پهتل هئي، ۽ ملڪ جي دفتري زبان هئي، هن دور ۾ محسن ٺٽوي، مير علي شير ’قانع‘، مير جان الله، شيوڪ رام عطارد، محمد پناه رجا، مير ابوالبقا، غلام علي مداح، مير غلام علي آزاد بلگرامي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شيخ محمد اعظم، منشي عبدالرئوف ۽ ٻيا ڪيترائي فارسي نظم ۽ نثر جا اديب ذڪر جوڳا آهن. ٽالپرن جي دور ۾ به فارسي علم و ادب عروج تي هو. فارسي زبان کي حڪمرانن جي پنيرائي

حاصل هئي. هن دور ۾ سنڌ جي تاريخ بابت سيد محب الله بکريءَ جو 'تاريخ سنڌ'، مير عظيم ٺٽويءَ جو 'فتح نامہ' ۽ سيد ثابت علي شاه جو 'ڪلهوڙه نامو' ۽ ٻيا ڪتاب شامل هئا.

انگريزن سنڌ تي ۱۸۴۳ع تي قبضو ڪيو ۽ ۱۸۴۷ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان الحاق ڏنو ويو. سنڌ جو پهريون ڪمشنر آر. کي پرنگل هو، جنهن دفتري معاملن کي سڌارڻ ۾ ڪافي دلچسپي ورتي. پرنگل کي وڏو مسئلو اهو هو تہ، سنڌي ماڻهن ۽ انگريز حڪمرانن لاءِ فارسي زبان ۾ سرشتو هلي رهيو هو، ان ڪري هن سرڪار کي گذارش ڪئي تہ سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏنو وڃي. اپريل ۱۸۴۸ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ اعلان ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي، هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. مطلب تہ انگريزن، مٿي ذڪر ڪيل قومن جي ابتڙ پنهنجي انگريزي ٻولي مڙهڻ بجاءِ مقامي ٻولي (سنڌي) کي ترجيح ڏني. هنن کي پوري هندستان ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ سرڪاري ملازم گهربل هئا، ان ڪري هنن مقامي ٻولين کي ترجيح ڏني. سنڌي زبان ۾ لغتون تيار ڪيون، گرامر جا ڪتاب جوڙيا. سنڌ ۾ رهندڙ انگريز عملدارن، پنهنجي ذاتي وندر لاءِ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون. هنن عام ماڻهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ سماجي، تعليمي، ادبي ۽ معاشي سڌارا آندا. ان ڏس ۾ انگريزن کي قصا، ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ، مضمون، تاريخ جا ڪتاب ۽ پڌرناما لکرايا يا ترجمو ڪرايا، جن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ، سنڌ جو عوام سندن حاڪميت مڃي ۽ جهيڙي جهٽي کان پاسو ڪري، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ئي سندس ڀلو آهي. مخالفت ڪندڙن کي هنن سخت سزائون ڏنيون. هندو ۽ مسلمانن کي ورهائي، حڪومت ڪرڻ واري پاليسيءَ کي پنهنجايو. هنن خاص ادب تخليق ڪرايو يا ترجمو ڪرايو، جن ۾ وفاداري، تابعداري ۽ بعيت وارو لاڙو هو، انهن ڪتابن جي ليکڪن ۽ مترجمن کي خاص معاوضا ڏنا ويندا هئا. اصلوڪي ڪم جو اعزازيو الڳ هو، تہ ترجمي جو الڳ . ڪجھ خاص ڪمن لاءِ صلاحڪار مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ غير سنڌي ليکڪن جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون هيون. خاص ڪتابن ۽ ترجمن لاءِ انعام ڏنا ويندا هئا.

جيتوڻيڪ، انگريزن جي سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ تعاون ڪرڻ سان تعليم ۽ معاشري ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو، پر موجوده دور جي سنڌ جا ڪيترائي عالم اديب ان کي





انگريزن جي چال سمجهن ٿا. ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ انگريزن، مقامي ماڻهن کي نوڪر بڻائڻ ۽ ساڻن سڌيءَ ريت واسطي لاءِ، سنڌيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو، ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ انگريزن جي حڪمت عملي هوندي هئي تہ جتي وڃن، اتي مقامي ٻولين کي سرڪاري درجو ڏيندا هئا. ڪجھ ماڻهن جو رايو آهي تہ: اها سنڌين کي راضي ڪرڻ جي سياسي چال هئي، ٻين جو خيال آهي تہ اسان وٽ صورتخطي اڳ ۾ ئي موجود هئي، پوءِ انگريزن ڪهڙو خاص ڪم ڪيو وغيره؟ ٿي سگهي ٿو اهي سڀ ڳالهيون ڪنهن حد تائين سچ هجن، پر انگريزن کان اڳ وارن مقامي حاڪمن اهو ڪم ڇو نہ ڪيو. انگريزن جي دور کان اڳ تہ، سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي ڪو هڪ بہ اسڪول ڪو نہ هو، نہ وري شايع ٿيل ڪتاب هئا، هتي اسان انگريزن جي ان مهربانين (چالن) کي سمجهڻ لاءِ، سندن پنيرائي سان تخليق ۽ ترجمو ٿيل ادب جو جائزو وٺنداسين:

**انگريزن جي ڪتابن ۾ سنڌو ماٿري لاءِ قائم ڪيل رايا:**

ارڙهين صديءَ جي خوشحال سنڌ جي اهميت کي سمجهندي، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجا آفيسر موڪلي، سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي ۽ تاريخي حالتن تي تحقيق شروع ڪئي. انگريزن جي ڪاميابيءَ جو هڪ راز اهو بہ هو تہ هو انهن رياستن جي مقامي ماڻهن جون ٻوليون سکندا هئا ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي معلومات وٺندا هئا. انهن مان ڪجھ اهڙا عالم بہ هئا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ تي ڪجھ نہ ڪجھ تحقيقي طور لکي چڪا هئا، مثال طور سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، سنڌ جي معيشيت، سنڌي گرامر، ٻولي، آبپاشي، نقشن وغيره تي ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکي چڪا هئا. اها بہ دلچسپ ڳالھ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا اوائلي گرامر بہ انگريزن لکيا، سنڌي ٻوليءَ جون اوائلي لغتون بہ انگريزن تيار ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت اوائلي نظريا بہ انگريزن ڏنا. هنن محڪوم قومن کي اهڙو تاثر ڏنو تہ انگريزن جي شهنشاهت مٿن خدا جي طرفان آهي. ايتري قدر هنن اهو بہ لکيو تہ سنڌ کي فتح ڪرڻ وارو عمل سنڌ جي عوام سان ڀلائيءَ خاطر آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا حاڪم جابر، جاهل، سنگدل ۽ تعصبي آهن. ڏنو ويو آهي تہ جن انگريزن، سنڌ سميت هندستان جو سير و سفر ڪيو ۽ پنهنجا مشاهدا قلمبند ڪيا، انهن

مان اڪثر سياحن جي لکڻين ۾ هڪ جهڙائي آهي، مثال طور سنڌ متعلق لکندي، اڪثر ليکڪن انتهاپسنديءَ کان ڪم ورتندي، هڪدم سنڌ جي ماڻهن تي فتوائون جاري ڪيون آهن، ته اهي سست ۽ ڪاهل آهن، ڀلا ڪو به شخص صرف ڏينهن يا مهينن جي آڌار تي ڪنهن به قوم تي يڪدم راءِ ڏئي سگهي ٿو؟ هر گز نه. پر اهڙي سوچ يا راءِ جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو، ته اهي سڀئي انگريز فوجي آفيسر يا سياح ساڳي نيت يا سوچ سان سنڌ ۾ ايندا هئا ۽ اهڙا سبب يا بهانا ڳوليندا هئا، جنهن سان برطانوي حڪومت کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ راضي ڪري سگهن.

ڪئپٽن ايسٽوڪ پهريون انگريز عالم ۽ عملدار هو، جنهن جو ڪتاب 'Dry Leaves from Young Egypt' ٻن جلدن ۾ ۱۸۴۹ع ۽ ۱۸۵۳ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ هن سنڌ کي 'نئين مصر' ڪوٺيو آهي ۽ سنڌ جي ماضيءَ جا ڳڻ ڳايا آهن، پر ڪئپٽن ايسٽوڪ کان پوءِ ڪيترن ئي يورپي عالمن سنڌ کي ڏکويل ماتري سڏيو آهي، جن مان ڪن جي ڪتابن جا ٽائيٽل رکيا ويا آهن. ڪئپٽن رچرڊ برٽن سنڌ کي 'Scinde or the Unhappy Valley' ۾ سنڌ کي 'اداس ماتري' تشبيهه ڏيئي سنڌ جي ماڻهن لاءِ اٽوٽنڊڙ لفظ استعمال ڪيا آهن. جارج ايبٽ پنهنجي ڪتاب ' Sind A Re-interpretation of the Unhappy Valley' ۾، سنڌ جي نئين سر سمجهڻ تي زور ڏنو آهي. مسٽر راجر پيئرس پنهنجي ڪتاب، 'Once a Happy Valley' ۾ سنڌ جي قديم تهذيب کي خوشحال تهذيب سان تشبيهه ڏني آهي. ميٿيو. اي ڪوڪ، اهڙي سڃي پسمنظر تي 'Annexation and the Unhappy Valley' نالي ڪتاب لکيو آهي.

**تعليمي ڪتابن جا ترجما ۽ مشنري سرگرميون:**

۱۸۴۶ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر ڪيپٽن پريڊي پنهنجي خرچ تي، پنهنجي ڪچهري ڪمپائونڊ ۾ ڪراچي فري اسڪول قائم ڪيو، جنهن ۾ انگريزي تعليم سان گڏوگڏ عيسائي مذهب جي تعليم کي لازمي قرار ڏنو ويو. سنڌ ۾ڪرسٽ جي سرگرمين لاءِ الڳ پريس قائم ڪئي وئي ۽ ڪتابن جي اشاعت تي زور ڏنو ويو. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ مشنري اسڪول قائم ڪيا ويا. عيسائي مذهب جا ڪتاب، 'برٽش ۽ فارين بائبل سوسائٽي، لنڊن' جي خرچ تي ڇپجي پڌرا ٿيا. ڪراچيءَ واري مشن اسڪول کلڻ کان گهڻو پوءِ، حيدر آباد ۽ سکر ۾ مشن اسڪول کليا. انهن ۾ هندو توڙي





مسلمان شاگرد ڪلاسن ۾ وڃڻ کان اڳ، وچين وڏي صفي (هال) ۾ گڏ ٿيندا هئا. اسڪول جو پادري اول بائبل مان ڪجهه ٽڪر پڙهي ٻڌائيندو هو، پوءِ پادري توڙي ماستر ۽ شاگرد سڀئي گڏجي ڌڻيءَ کان دعا گهرندا هئا:

'اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آهين، تنهنجو نالو پاڪ هجي وغيره.'

انهيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ شاگرد ڪلاسن ۾ ويندا هئا."[٦] اڳتي هلي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، بائيبل جو ترجمو ڪيو، جيڪو ديوناگري لپي ۾ سنه ۱۸۵۰ع ۾ ڇپيو. انهيءَ کان پوءِ 'يوحان' Gospel of St. John جو ترجمو برنس صاحب سنه ۱۸۵۲ع ۾ عربي سنڌي صورتخطي ۾ ڪيو.

بعد ۾ سرڪاري ڪاروبار ۽ تعليم جي ڪيتر ۾ فارسيءَ کي هٽائي، ان جي جاءِ تي سنڌيءَ کي رائج ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي لاڳو ٿيڻ سان سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ سرڪاري سطح تي سرگرميون شروع ٿي ويون. مارچ ۱۸۵۳ع ۾ ڏهه هزار روپين جي رقم، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر کي ڏني وئي. بمبئيءَ سرڪار جي منظوريءَ سان سنڌ ۾ اسڪول کلڻ شروع ٿي ويا ۽ شروع ۾ استاد به بمبئي سرڪار جي منظوريءَ سان هندستان جي مختلف شهرن مان گهرائي رکيا ويندا هئا. اهڙي طرح سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ لاءِ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي مقرري به بمبئيءَ مان ٿيڻ لڳي. سنڌ جي ٻارن جي پرائمري تعليم لاءِ ورنيڪيولر اسڪول (مقامي ٻولين وارا اسڪول) قائم ڪيا ويا، ورنيڪيولر اسڪولن جو مطلب هو: ته مقامي ٻارن کي سندن ئي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي. هنن اسڪولن ۾ ابتدائي تعليم ڏني ويندي هئي. سنڌ جي ٻارن جي پرائمري تعليم لاءِ ورنيڪيولر اسڪولن کان سواءِ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول پڻ قائم ڪيا ويا.

اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جو مطلب هو ته، 'مقامي ۽ انگريزي ٻولين ۾ تعليم جو ذريعو'. انگريزن ننڍي کنڊ تي قبضي کان پوءِ، سرڪاري ادارا ۽ آفيسون قائم ڪيون، جن لاءِ کين مختلف عهدن/ حيثيتن لاءِ مقامي ماڻهن جي ضرورت هئي، جيڪي سندن ماتحتي ۾ ڪم ڪري سگهن. انهن پرائمري اسڪولن لاءِ هڪ اصطلاح 'اينگلو ورنيڪيولر اسڪول' ايجاد ڪيو، سنڌ جي وڏن ماڻهن جي ٻارن لاءِ، مڪمل انگريزي ميڊيم خانگي اسڪول قائم ڪيا ويا، جن جي نصاب ۾ انگريزي ادب جا اهم ڪتاب رکيل هوندا هئا، پر سنڌي ميڊيم اسڪولن ۾ به انگريزي ادب جا ترجمو

ڪيل ڪتاب پڙهيا ويندا هئا. مقصد صرف اهو هوندو هو ته سنڌ جي ٻارن کي انگريزي معاشري، مذهب ۽ فلسفي طرف راغب ڪجي. ان سلسلي ۾ جانسن جو 'راسيلاس'، جان بنيان جو 'پلگرمس پروگريس'، چارلس لئمب ۽ ميري لئمب جو 'شيڪسپيئر ٽيلز'، لارڊ بيڪن جو 'بيڪنس ايسيز'، والٽر اسڪاٽ جو 'ٽيلسمين'، شيڪسپيئر جا مختلف ناٽڪ، وليم ورڊز ورٿ، شيلي، ڪيٽس ۽ ٻين شاعرن جي شاعري وغيره شامل هوندي هئي. انگريزي ادب جي اهڙن ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏي پيماني تي ترجمو ڪرايو ويو ۽ انهن کي سنڌ جي تعليمي ادارن جي نصاب ۾ رائج ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ مغربي فڪر، ڌرمي تبليغ ۽ انگريز قوم جي وڏائي ۽ برتري بيان ٿيل هوندي هئي.

انگريزن، سنڌ ۾ خاص طور تي مسلمانن جي تعليم خاطر مُلان مڪتب قائم ڪيا، جنهن ۾ مُلن ۽ طالبن کي وضيفا ڏنا ويندا هئا. جڏهن ته ڪورس ۾ ڪتاب، سرڪار پاران منظور ڪيل هوندا هئا ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل شيڪسپيئر جا ناٽڪ اسٽيج ڪري ڏيکاريا ويندا هئا. انگريز جتي به ويندا هئا، اتي اهو به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ته سڄي دنيا جي قومن ۾ هو اتم ۽ اعليٰ آهن.١٩١٥ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين جي هڪ استاد 'اخبار تعليم' ۾ هڪ مضمون لکيو: 'انگريز ماڻهن جو وڏي درجي کي پهچڻ، تنهن جا ڪي سبب'، هن صاحب، انگريز قوم جي تعريف ڪندي سندن اعليٰ درجي تي پهچڻ جا ڪجهه هي سبب ڄاڻايا: 'طبعي بناوٽ ۽ آبهوا، انگريز قوم جا اتم لڇڻ، حڪومت جي جوڙجڪ ۽ جنگي سامان'.

**لطيف سائينءَ جي مزاحمتي پيغام کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش:**

شاهه عبد اللطيف ڀٽائي، دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي تمام مٿانهون مقام حاصل آهي. سندس، فن، فڪر، ادبي لاڙا، تعليم ۽ ٻوليءَ جو استعمال، دنيا لاءِ هڪ مثال آهي. سندس ڪلام سنڌ ڌرتيءَ جي ثقافت ۽ تهذيب کي اجاگر ڪندو آهي. شاهه عبداللطيف جا خيال اعليٰ، مشاهدو گهرو ۽ وسيع آهي. شاهه کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته شروع ۾ ئي غير سنڌي عالمن، عملدارن ۽ اديبن، سندس زندگيءَ ۽ ڪلام تي تحقيق ڪئي آهي.





انگريز عالمن کان اڳ شاهه جو ڪلام ماڻهن کي برزبان ياد هوندو هو، پر شاهه جو ڪلام ڪتابي صورت ۾ عام نه هو. گهڻا ماڻهو شاهه کي پير ۽ مرشد طور وڏيڪ سمجهندا هئا. ان سلسلي ۾ امر جليل لکيو آهي ته: ”لطيف سائين بدقسمتيءَ سان سيد هو، تنهن ڪري سامراجين جي رٿابنديءَ جو شڪار ٿيو. لطيف جي مقبري تي گهنڊ لٽڪايا ويا، اگربتين ۽ لوبان جا واس ڏنا ويا، نغارا وڄايا ويا، تعويذ ڳنڊن جي تجارت جا مرڪز کوليا ويا. ٻي اولادن پُٽَ پنيا ۽ اهڙي نموني سنڌ جي عظيم ترين شاعر کي، شاعر جي ڪلام کي، ڪلام جي مفهوم کي پنيرو ڪري، هڪ پير ۽ ڪاني ڪرامتن واري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي معروف ڪيو ويو.“[٧] سنڌي ڄاڻيندڙ انگريز عالمن کي، جڏهن شاهه جي ڪلام جي خبر پئي ته پريشان ٿي ويا.ان سلسلي ۾ نالي وارو مورخ يوسف شاهين لکيو آهي ته: ”اهڙي ڏهڪاءَ ظلم ، جبر ۽ افراتفريءَ جي دور ۾ سنڌ جي عيسائي مشنريءَ جي هڪ عالم ارنيسٽ ٽرمپ اهو اعلان ڪيو ته هن سنڌ مان علم ، ادب، ڏاهپ ۽ شاعريءَ جو هڪ بي بها ۽ انمول خزانو ڳولهي لڌو آهي. هن ان کي ”شاهه آف ڀٽ“ جي شاعريءَ جو نالو ڏنو. اهڙي اعلان انگريز بهادر ڪامورن کي ڇرڪائي ڇڏيو. هو هڪ ٻئي کان اهو پڇڻ لڳا ته اهو ڪهڙو شاعر، جنهن جي شاعري ارنيسٽ ٽرمپ انمول خزانو سڏيو آهي.“[٨] ارنيسٽ ٽرمپ جتي، شاهه جي ڪلام جي واکاڻ ڪئي، پر ان کي صوفياڻي شاعريءَ جو نالو ڏئي محدود ڪري ڇڏيو. ارنيسٽ ٽرمپ کان اڳ رچرڊ برٽن به، پنهنجي مشهور ڪتاب 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ قومون'

(Sindh and Races that inhabit in valley of Indus) ۾ شاهه لطيف تي تحقيق ڪري چڪو هو. رچرڊ برٽن، شاهه لطيف لاءِ لکي ٿو: ”جيستائين سوانح نگارن جو تعلق آهي، انهن هن درويش (لطيف) سان سندس مسافتن ۽ تڪليفن سان ڪيئي معجزا منسوب ڪيا آهن. اڄ به سندس مزار تي ڪيترائي معتقد ايندا آهن ۽ ذوالحج جي مهيني ۾ ساليانو ميلو به منعقد ٿيندو آهي. سندس ابا ڏاڏا، سنڌ ۾ انتهائي معتبر ۽ ملڪيتن جا مالڪ هئا. مگر سيد عبداللطيف جي اصل سڃاڻپ سندس شاعريءَ 'شاهه جو رسالو' جي ڪري آهي. ڪيس هم وطني، 'سنڌ جو حافظ' سڏين ٿا. سنڌ ۾ پڙهيل خواهه اڻ پڙهيل اهڙو ڪوبه ماڻهو نه آهي، جنهن شاهه صاحب جا درد ڀريا داستان نه ٻڌا هجن.“[٩]

مطلب ته انگريز سرڪار، سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ مان

سماجيات ۽ مزاحمت وارن لاڙن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. ان سوالن جي جواب ۾ ناميارو ڪهاڻيڪار امر جليل هڪ نئين رخ ۾ ڏسي ٿو. هو لکي ٿو ته، ”فاتح قومون ٻين قومن جي ملڪ کي طاقت سان يا ٺاهه ٺڳيءَ سان هٿ ڪرڻ کان پوءِ، سڀ کان اڳ ان قوم جي ٻولي ۽ تمدن کي تباهه ڪرڻ جي رٿا رٿيندي آهن. انگريز سامراجين سنڌ تي مڪمل قبضي ڪرڻ کان پوءِ، معمول جي خلاف، سنڌي ٻوليءَ تي وار نه ڪيو. انگريزن جي ان چالبازيءَ جا ڳڻ اڄ تائين ڳايا وڃن ٿا ۽ اسڪولن کان يونيورسٽيءَ تائين ساراهيا وڃن ٿا. سامراجين، رٿيل رٿا مطابق، سنڌ جي عظيم ترين شاعر لطيف سائينءَ ۽ سنڌ جي لافاني ۽ لاثاني باغي شاعر سچل سرمست جي ڪلام جي پرچار، پيغام ۽ حق جي آواز کي صوفي ازم جو ليبل هڻي ٻنهي جي هٿ ۾ يڪتارو ڏيئي ڇڏيو. جابر ۽ ٺڳ قومون، جيڪي ويسا گهاتيءَ سان ٻين جي ملڪ تي قبضو ڪنديون آهن، سي اُن مفتوح قوم جي ادب مان باغي رجحانن کي ڪوري ڪڍڻ جي ترڪيب استعمال ڪنديون آهن. ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس جي ڄمڻ کان اڳ سچل چيو هو:

’مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
پيرن، بزرگن، پنڊتن بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نِوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا عقل وارا عشق کي.‘

لطيف سائينءَ سنڌ تي ڌارين جون يلغارون ڏسي سنڌ جي ڇڙوڇڙ ۽ خانه جنگين ۾ مبتلا ماڻهن کي چيو هو:

’سورهيه مرين سوپ کي ته دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهه ڀاڪرين آڏي ڀال مَ ڀار،
مٿان تيغ ترار، مار ته مٿارو ٿئين.‘[10]

## ڊراما نويسيءَ جي ترجمن ۾ مغربي معاشرتي جو ڏيکاءُ

سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪ جا اهڃاڻ قديم دؤر کان موجود هئا، پر سنڌي ناٽڪ کي موجوده روپ انگريز حاڪمن ڏنو. خاص طور تي سنڌ ۾ رهندڙ انگريز عملدارن پنهنجي ذاتي وندر لاءِ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف





پنهور مطابق: ”رائل ٿئيٽر برپا ٿيڻ کانپوءِ جيئن جيئن ناٽڪ ڏسڻ جو رجحان وڌيو ته پوءِ چاهه پٽاندڙ آهستي آهستي ڊرئميٽڪ سوسائٽيون پڻ قائم ٿيڻ لڳيون هيون، جهڙوڪ ’دي ڪراچي فرينڊ ان نيڊ سوسائٽي‘ (۱۸۸۲ع)، ’پيني ريڊنگس اينڊ ڊرئيميٽڪ سوسائٽي‘ (۱۸۸۴ع)، ’ڊرئيميٽڪ ڪلب آف گولسٽر رجمينٽ‘ (۱۸۸۴ع) ۽ ’فرسٽ بٽالين ڊبليو آر ڊرئميٽڪ ڪلب‘ (۱۸۸۵ع). ڊراما هنن ناٽڪ منڊلين جا لکيل هوندا هئا ۽ انهن جا اداڪار گهڻو ڪري انگريز فوجي آفيسر هوندا هئا.“[11]

انگريزن جي دور ۾ ڪيترا ئي ڊراما ترجمو ٿيا، جن ۾ انگريز قوم جي برتري، بهادري، حڪمت عملي. جفاڪشي ۽ سچاٽپ جو پرچار ملي ٿو. ان ڏس ۾ خاص طور تي شيڪسپيئر جا ڊراما، مرزا قليچ بيگ کان ترجمو ڪرائي شايع ڪرايا ويا، اهي ترجما سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي نصاب ۾ شامل هوندا هئا. اڄان تائين ب O ليول ۽ A ليول جي نصاب توڙي ڪاليجي نصاب ۾ شامل آهن. شيڪسپيئر جي Hamlet ڪيترن ئي مترجمن سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن ڊرامي ۾ ڊينمارڪ جي هڪ بادشاهي خاندان جي ڪهاڻي آهي. مرزا قليچ، هن ڊرامي کي ترجمي جي بدارن الٽو ڪري ’شهزادو بهرام‘ نالو ڏنو. هن ڊرامي وسيلي انساني قسمت جو ذميوار انساني ڪرتوتن کي ڄاڻايو ويو آهي. مرزا قليچ، شيڪسپيئر جا ٻيا به ڪيترائي ترجما ڪيا. جڏهن ته ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۱۹۱۲ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي ڪنگ جان (King John) جو ترجمو ’حرص جو شڪار‘ جي نالي سان ڪيو. هن ڊرامي ۾ انگريزن جي فوجي مهارت کي به بيان ڪيو آهي. اهڙي طرح ٻين به ڪيترن ئي ڊرامن جا مثال ڏئي سگهجن ٿا.

## ناول نويسيءَ ۾ انگريز قوم جي برتريءَ جي پرچار

سڀ کان پهرين جيڪو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو سو راسيلاس ناول هو، جيڪو مشهور نثر نويس ڊاڪٽر جانسن جو لکيل آهي. هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي اشتهار ڪڍيو، ته جيڪو انهيءَ ڪتاب جو سولي سنڌي ۾ ترجمو ڪندو، تنهن کي سرڪار ۳۰۰ روپيا انعام ڏيندي. هي اشتهار ٻه ٽي سال لڳاتار هلايو ويو. ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي سنڌي مترجمن قسمت آزمائي، پر قبول نه پيا. ڇو جو سرڪار کي هڪ اهڙي ترجمي جي ضرورت هئي، جنهن ۾ انگريز برتريءَ جو روح

سمايل هجي. اهو ڪم ديوان اڌارام ٿانور داس ۽ ساڌو نولراءِ ڳڌجي پورو ڪيو: ”هن ناول ۾ انسان ذات جي دماغي ۽ دلي طاقت ۽ خواهشن جون حقيقتون ۽ مثال، انسان ذات جي غم ۽ خوشيءَ جا سبب ۽ نتيجا، ۽ انسان ذات جي زندگيءَ جون منزلون ۽ مقصد ، هڪڙي دلچسپ آکاڻيءَ جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن. هن ناول جو ٻيو موضوع آهي ڳولا ۽ کوجنا. ناول ۾ حبش جو شهزادو راسيلاس ۽ سندس ڀيڻ نيڪايا ۽ عملاڪ نالي هڪ سائنسدان جي سنگ اچي شهزادن واري يڪطرفي زندگيءَ مان ڪڪ ٿي، مائٽن کي اطلاع ڏيڻ بنا لڪ چوريءَ نڪري دنيا جو سير ڪري وڏو تجربو حاصل ڪن ٿا. هن ناول ۾ سائنس ۽ ايجاد جي وسيلي هوا ۾ اڏامڻ جي اڳڪٿي پڻ ڪئي ويئي آهي.“[١٢]هن ناول ذريعي شهنشاهيت جي پرچار ۽ خدائي خوف جو درس ڏنو ويو. هن ناول جي ڪهاڻي حبش جي شهزادي جي آهي جيڪو دنيا جي آزمودي پرائڻ لاءِ انسان ذات جي سک جي ڳولا لاءِ ٻاهر نڪري ٿو. هن ناول ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته يورپ جا ماڻهو سڄي دنيا ۾ ذهين ۽ سورهيه آهن.

”شهزادي چيو ته اهو ڇا آهي جنهن جي ڪرڻ ڪان يورپ جا ماڻهو اهڙا سورهيه ۽ سگهارا ٿين ٿا؟

عملاڪ: سائين هو وڌيڪ طاقتور ۽ سورهيه هن ڪري آهن جو هو وڌيڪ سياڻا آهن. جيئن انسان ٻين جانورن تي پنهنجو عمل هلائي ٿو، تيئن پڙهيل ۽ سياڻو ماڻهو اڻ پڙهيلن ۽ اياڻن تي عمل هلائي ٿو. پر انهن ۾ دانش اسان جي دانش ڪان ڇو وڌيڪ آهي، تنهنڪري جو ڪو سبب آئون ڏئي نٿو سگهان پر ڄاڻجي ٿو ته اها خدا جي خواهش آهي.“[١٣]

هي ناول، جيتر انگريز سرڪار سنڌ ۾ رهي، ته اهو مختلف ڪلاسن جي ڪورس ۾ لازمي رهيو. ترجمن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم ناول، ’طلسم‘ (Talisman) آهي. هي ناول جڳ مشهور ناول نگار سر والٽر اسڪاٽ (١٧٧١-١٨٣٢ع) جو لکيل هو. هن ناول لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جون شروعاتي قسطون بولچند ڪوڏو مل ترجمو ڪري ’سرسوتي‘ ۾ شايع ڪرايون. بعد ۾ سندس اوچتي ديهانت ڪري، ڀيرو مل مهرچند مڪمل ترجمو ڪري ڇپرايو. هن ناول جي آکاڻي عيسائي حڪمران رچرڊ ۽ سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جا معرڪا، رچرڊ جي بيماري ۽ ٻين سازشن تي ٻڌل آهي. ٻيا ڪردار راڻي، ضحاڪ شيدي، ايڊٿ ۽ سرڪينٿ آهن. هي ناول عيسائين ۽ مسلمانن





جي صليبي جنگين تي ٻڌل هو ۽ عيسائيت ۽ عيسائين جي ڪاميابين کي چاڙهي پيش ڪيو ويو آهي.

سنڌي ادب ۾ طبعزاد ناول لکڻ جي شروعات مرزا قليچ بيگ ڪئي. هن ١٨٨٨ع ۾ ’دلارام‘ نالي پهريون طبعزاد ناول لکيو. هن ناول تي به داستان جو رنگ غالب آهي، ڇاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ جو پلاٽ قديم دؤر جي بادشاهن جي قصي تي ٻڌل آهي ۽ انساني حقيقي زندگيءَ جي برعڪس، مافوق الفطرت ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن. مرزا قليچ بيگ جو ٻيو ناول ’زينت‘ ١٨٩٠ع ۾ ڇپيو، جيڪو سنڌي ادب ۾ جديد ناول نگاريءَ جو پهريون مثال آهي. هن ناول ۾ جديد ناول جي پوري ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويئي. ناول جي اصل مقصد تحت زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪئي ويئي. حقيقت اها آهي ته هي ناول به سرڪاري فرمائش تي لکيل آهي. ١٨٧٥ع ۾ پهريون دفعو، سنڌ جي تعليم کاتي اعلان ڪيو ته اسان کي هڪ اهڙو سنڌي ناول گهرجي، جيڪو سنڌ جي سماجي زندگي، خاص طور تي عورتن جي حوالي سان هجي. ان اشتهار ۾ ڄاڻايو ويو ته:

“A novel descriptive of the present domestic and social life, with particular reference to the condition of women in this Province, the main object being to expose the social prejudices and evil customs that have been detrimental to the true interests of the people.”[١٤]

هن ناول ۾ مرزا قليچ بيگ انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. ٺيٺ سنڌي ماحول پيش ڪندي، رسمن ۽ رواجن جي خامين کي خوب ننديو آهي. هن ناول جي ذريعي انگريز سرڪار، پنهنجي حڪومت جي دوران عورتن جي بدليل ۽ سڌاريل زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ پئي چاهيو.

”جارج شرٽ (١٨٤٣-١٨٨٦ع) برطانوي مشنري مبلغ هو. هو ١٨٦٣ع تائين حيدرآباد ۾ رهيو ۽ سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ ۽ ان بابت تحقيق ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي ورتائين. حيدرآباد ۾ هو مشن سوسائٽي سان لاڳاپيل هو ۽ ١٨٦٤ع ۾ واپس برطانيا هليو ويو. ٻن سالن ڪان پوءِ وري سنڌ واپس آيو ۽ ڪراچي مشن سوسائٽيءَ سان وابسته ٿيو. هن دفعي هن تمام گهڻو لکڻ جو ڪم ڪيو، جنهن ۾ سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ

جو ڪم بہ شامل هو.“(۱۵) حيدر آباد ۾ هن بائيبل جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جارج شرٽ، سنڌ جي اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جي شاگردن جي ڪورس تي رکيل ’جان بنيان‘ جي ڪتاب ’دي پلگرمس پروگريس‘ (The Pilgrim's Progress)جو ترجمو ’مسيحي مسافر جو احوال‘ ٻن ڀاڱن ۾ ۱۸۷۷ع ۾ ڪيو. هي ڪتاب، سنڌ جي اسڪولن ۾ نصاب تي رکيل هو ۽ انگريزن طرفان مشنري سرگرمين جو حصو هو. هن ڪتاب کي اصلي نالن ۽ ماڳن سان پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ اها ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ انگريز معاشرو سڌريل ۽ سنڌن مذهبي تعليم سڀني کان بهتر آهي. هن ڪتاب جو هڪ ٻيو ترجمو پرڀداس پيرومل (مرتيو ۱۹۴۳ع) ولد پيرومل مهرچند آڏواڻي ’سالڪ جو سفر‘ جي نالي سان ڪيو هو.

مرزا قليچ بيگ، جوناٿن سُئفٽ جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver’s Travels جو ترجمو ۱۹۲۰ع ۾ ’گُليور جو سفر‘ جي نالي سان ڪيو. هي ڪتاب ارڙهين صديءَ جي ادب جو هڪ شاهڪار آهي. اصل ڪتاب چئن ڀاڱن ۾آهي، پر مرزا صاحب رڳو ٻن ڀاڱن جو ترجمو ڪيو آهي. ’گليور جو سفر‘ بہ هڪ طنزيہ تصنيف آهي، جنهن سئفٽ جي طنز جو دائرو تمام وسيع آهي. سئفٽ ان تصنيف ۾ سڄي انسانيت جي بيوقوفين بڇڙائين ۽ اخلاقي ڪمزورين تي سخت چوھ چنبيا آهن.’گليور جي سير ۽ سفر‘ تصوراتي يا خيالي دنيا جوڙي، حقيقي ڪردارن وسيلي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪيو آهي. مرزا قليچ صاحب، جن ٻن ڀاڱن جا ترجما ڪيا آهن، انهن ۾ اهي حصا ترجمو نہ ڪيا آهن، جن ۾ انگريزن جي سياسي ۽ سماجي برتري ڏيکاريل آهي.

## آکاڻي نويسي ۾ غلاميءَ جو فلسفو

سنڌي ادب ۾، آکاڻي نويسي انگريزن جي سهڪار سان رائج ٿي. انگريز حاڪمن سڄي هندستان سميت سنڌين کي بہ اها ڳالھ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ، سنڌن ڀاران آندل شهنشاهت خدا طرفان مقرر ٿيل آهي. هنن سنڌ ۾ اهڙن آکاڻين جا ترجما ڪرايا، شهنشاهت جو پرچار ڪرايو. سن ۱۸۵۴ع ۾ ننديرام ميراڻيءَ ۽ مسٽر بي. ايچ. ايلس، اسسٽنٽ ڪمشنر سان گڏجي ’ايسپ جون آکاڻيون‘ تعليم کاتي طرفان شايع ڪرايو. اصل ۾ هيءَ ڪتاب هڪ نصيحت نامو آهي، جنهن ۾ ايسپ پنهنجا تجربا لکيا، انهن ۾ موجود صلاحون ۽ هدايتون، آکاڻيون، ٻارن، جوانن، پوڙهن، عالمن ۽





طالب علمن کي هڪ جهڙو لطف ڏين ٿيون. هنن ڪهاڻين جي ذريعي انگريزن، يورپ جي قديم سماج جي حوالي سان عقل ۽ ذهانت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ ڊگهي آکاڻي ’ٻنيءِ زميندار جي ڳالھ‘ ۱۸۵۴ع ۾ غلام حسين قريشيءَ ترجمو ڪيو. البت آکاڻيءَ کي ديسي رنگ ۽ ڍنگ ۾ آڻڻ لاءِ ماڻهن ۽ ڳوٺن جا نالا مٽائي ڇيا وڌائين. ڪهاڻي نويسيءَ ۾ ان جي انهيءَ ترجمي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. آکاڻي ۾ زميندار سرشتي جي پنيرائي ڪيل آهي. آکاڻي لاءِ آغا سليم لکي ٿو تہ ”غلام حسين قريشيءَ ان ڪهاڻي کي اهڙو تہ مقامي رنگ ڏنو هو جو، اها ڪهاڻي نج سنڌي ڪهاڻي ٿي پئي هئي. ڪهاڻيءَ جي مقامي (ميرپور ماٿيلو ۽ ڏهرڪي،) ڪردارن جا نالا ٻنيو ۽ اوپايو ۽ مسئلو زمين جو جهيڙو هو، جيڪو اڄ بہ سنڌ جي زرعي سماج جو وڏو مسئلو آهي.“(۱۶)

هڪ ٻي آکاڻي ’سُڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالھ‘ سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۾ نهايت سهڻو نثري قصو آهي، جنهن کي ۱۸۵۵ع ۾سيد ميران محمد شاھ (ٻهرين) هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر ’سبودي ڪبودي‘ تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

هن آکاڻي ۾ ٻن ڪردارن کي چٽيو ويو آهي. مگر ماڻهن جا سنڌي نالا ڪتب آيل آهن. هن آکاڻي جي ٻن اهم ڪردارن ۾ سڌاتورو اسڪول وڃي، ٿورڙن ڏينهن ۾، بابنامو پڙهي ۽ ٻيا ڪتاب ڏسي، پاڙيهي سُرت وارو ٿي وڃي ٿو. آخوند ۽ ٻين ماڻهن چيو تہ هيءُ چوڪر ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ لکپڙھ ۾ پَڪُو ٿي ويندو. ذهين هئڻ جي ڪري تپيداري جي نوڪري مليس ٿي. محنت ۽ ايمانداري جي ڪري ناليرو مختيارڪار ٿئي ٿو. ٻئي طرف ڪڌاتورو بہ گهٽا ڏڪا ڪائي پڙهي منشي بڻجي ٿو. مگر بي ايمان ۽ رشوت خور ٿئي ٿو. هڪ دفعي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿئي ٿو ۽ سخت پورهيي سان ٽيپ ڪائي ٿو. ’سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري‘ جي ڳالھ ۾ آفيسر شاهي واري ذهنيت جو پرچار ڪرڻ ۽ وقت جي حاڪم جي قوت کي بہ تسليم ڪرائڻو هو. آکاڻي ۾ بنيادي نقطو انگريز راڄ ۽ سردار سان سهڪار ڪرڻ هو.

سندس آکاڻين جو ٻيو ڪتاب هو ’مفيد الصبيان‘ آهي. اهو بہ هنديءَ تان ورتل، ٻارن لاءِ فائديمند آکاڻين جو مجموعو هو. هي درسي ڪتاب ۱۸۶۱ع ۾ ليٿوءَ ۾ ڇپرو ٿيو. ڪتاب جي منڍ (Preface) ۾ هيءَ حقيقت بيان ڪيل آهي: ”اصل ڪتاب هنديءَ ۾ لکيل هو، جنهن تان سيد ميران محمد شاھ پٽ سيد محمد شاھ، متيارين جي

ويٺل، مسٽر اسٽوئرٽ صاحب بهادر، اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ جي رٿ سان ترجمو ڪيو.“[١٧] ڪتاب جي اڪثر آکاڻين ۾ بادشاهن جي سورهيائي ۽ سخا جو بيان آهي. ’سپا جو سينگار‘ (١٨٩٤ع) ۾ مشهور آکاڻين جو ڪتاب سوپراج هاسارام ڏسواڻي قديم هندي جي ڪتاب ’پنج تنتر‘ تان ترجمو ڪيو. هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن واسطي چوڏنهن هدايتون آهن، ڪتاب جون آکاڻيون پکين ۽ جانورن جي بيان ۾ آهن، جيڪي گهڻي ڀاڱي مهاڀارت ، رامائڻ ، سيجن واڪيہ سمتي، شنڪر سنگيت، چاڻڪيہ ستڪا ۽ ڪن ٻين ڌرمي ڪتابن تان معمولي مٽاسٽا سان ورتل آهن. هن ڪتاب جي آکاڻين جو مرڪزي خيال اهو آهي تہ بادشاهي نظام کي ڪيئن قائم رکجي، تنهن لاءِ چوڏهن هدايتن کي قصي جو موضوع بنايو ويو آهي.

مرزا قليچ بيگ جي وڏي سڃاڻپ ئي افسانوي ادب ۾ ترجمي سان آهي. مرزا صاحب ڪيترين مغربي توڙي مشرقي ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان سلسلي ۾ سندس اهم ڪتاب ’دلپسند قصا‘ در اصل چارلس لئمب جي ڪتاب Tales from Shakespeare جو ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ انگريز بادشاهن، شهزادن، جنرلن، ۽ ٻين وڏن ماڻهن جون آکاڻيون آهن. مرزا قليچ بيگ ٻيون بہ ڪيتريون ڪهاڻيون ترجمو ڪيون، جن ۾ ’دل وندرائيندڙ ڳالهيون‘(١٩١٨ع)، ’ديسي آکاڻيون‘، ’شيطان جي ناني‘، ’ٻہ ڄاڙا ڀائر‘، ’طلسمي گڏي‘، ’شمرانہ عرف شيطان جي ناني‘، ’عجيب طلسم‘، ’شهزادي محبوب جي آکاڻي‘، ’ڀڄاڻي وائي ڀائي وزو‘، ’ساموندي مڇي‘، ’پٽيل اکيون، پُوريل اکيون‘، ’شهزادي قدم برگ‘ شامل وغيره آهن.

## تاريخ نويسيءَ جي ترجمن ۾ انگريز قوم جي برتري

انگريزن سنڌي ٻوليءَ ۾ تاريخ نويسيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪرايو. ١٨٥٣ع ۾ ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر، مسٽر بي ايچ ايلس، جيڪو تعليم کاتي جو عملدار پڻ هو، تنهن هڪ اشتهار ڏنو، جنهن جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

> ”هڪڙي ’تاريخ معصومي‘ جنهن کان سنڌ جي ماڻهن کي گهڻو فائدو رسندو ۽ اهو ڪتاب فارسي عبارت ڪري سليس ۽ مربوط آهي، جو شخص ان ڪتاب جو سنڌي ٻولي ۾ پسند ڪيل ترجمو ڪندو اهو ڏيڍ سا روپيا مهيني خانگي ۽ سرڪاري انعام جي جوڳو ٿيندو.“[١٨]





هن ڪتاب جو ترجمو ڪيترن ئي مترجمن ڪيو، پر پهريون نمبر ننديرام ميراڻيءَ کي مليو. اوائلي سنڌي حوالن ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي اشتهار نامي جو ذڪر ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو. ١٨٥٧ع جي بغاوت کان پوءِ انگلينڊ جي پارليامينٽ، هندستان جي حڪومت جي واڳ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان کسي پنهنجي هٿ ۾ ورتي. ١٨٥٨ع ۾ انگريز سرڪار مهاراڻي وڪٽوريا جي نالي ۾، هڪ اشتهار نامو پڌرو ڪيو، جنهن کي مهاراڻي وڪٽوريا جو اشتهار نامو چيو ويو آهي. اهو اشتهار نامو ڪنهن ترجمو ڪيو، ان جي ڪا خبر ڪانهي، ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت جي سنڌيءَ جي سرڪاري ترجمان اهو ترجمو ڪيو هجي. مثال لاءِ هيٺ ان اشتهار نامي مان هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو:

> ”اڄ تائين هندستان جي ملڪ جي حڪومت ۽ ڪاروبار اسان جي طرفون آنربل ايسٽ انڊيا ڪمپني هلائيندي هئي، سو اسين پاڻ هلايون، انهيءَ ڳالھ جو ڪيترن ڀاري سببن ڪري پارليامينٽ جي جماعت ۾ مڙيلن لارڊس ۽ ڪامنس جي صلاح ۽ منظوريءَ سان اسان ٺهراءُ منظور ڪيو آهي. تنهن لاءِ هاڻي، اسين هن اشتهار نامي جي وسيلي سان ظاهر ٿا ڪريون ۽ خبر ٿا ڏيون تہ مٿي لکيل صلاح ۽ منظوريءَ سان مٿين حڪومت جو ڪاروبار اسان پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو آهي. اسين مٿئين ملڪ ۾ پنهنجي رعيت کي فرمايون ٿا تہ اسان سان اسانجي وارثن ۽ جاءِ نشينن سان، عزت ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان هلجو ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهجو ۽ هن کان پوءِ اڳتي مٿئين ملڪ جي حڪومت ۽ ڪاروبار اسان جي نالي تي هلائڻ واسطي، وقت بوقت جا حاڪم جيڪي اسين مقرر ڪريون تن جو توهين حڪم مڃيندا رهجو.“[١٩]

هن اشتهار ۾ انگريزن سان فرمانبرداريءَ تي زور ڀريل آهي. ١٨٥٤ع ۾ قاضي غلام علي ’هندستان جي تاريخ‘ نالي هڪ ڪتاب، اردوءَ مان ترجمو ڪيو . سنڌ جي تاريخ مان فقط ٽالپرن ۽ انگريزن جي تعلق ۽ مياڻي ۽ دٻي وارين لڙائي جو بيان ڏنل آهي، جنهن ۾ ٽالپرن جي شڪست کي انتهائي خراب لفظن ۾بيان ڪيو ويو آهي:

> چارلس نيپيئر صاحب بهادر کي جو لارڊ النبرا جي حڪم
> سان سنڌ ۾ انگريز سرڪار جي ڪٽڪ جو وڏو مهندار ٿي آيو هو،
> سمجهائي پنهنجي پار ڪيو ۽ جڏهن صاحب ڪٽڪ وٺي اوري آيو
> تڏهن مير رستم پنهنجا مائٽ پاڻ سان ڳني خيرپور کان ڀڄي ويو ۽

ماڻهن هيئن ٿي چيو ته هن پٽ ۾ پنج ڪوهن تي امام ڳڙهه ڪوٽ آهي ته ۾ ڏاڍو ٿيو وينو آهي.... “[۲۰]

هينري موريس جو ڪتاب The History of England سن ۱۸۶۶ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ قديم دور کان انگليند جي تاريخ بيان ٿيل آهي.هي ڪتاب هندستان جي ورنيڪيلر اسڪولن لاءِ لکيو ويو هو. هن ڪتاب جي پهرين حصي کي منشي پريداس ۱۸۶۸ع ۾ ترجمو ڪيو. جڏهن ته ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو واڌومل چنديرام ڪيو هو. انگريز حڪمرانن لاءِ واڌو مل جا هي لفظ انتهائي اهم آهن:

”حڪومت سنڌ جو حاڪم عادل جناب سر بارٽل فريئر ڪي، ٽي، بي ڪمشنر بهادر (جنهن جي حڪومت ۾ اهڙو نياءُ آهي، جو شينهن ۽ ٻڪريءَ گڏ پاڻي پيئندا هئا). آءٌ ڇا چوان، سيڪو چوندو ته ماڻهو هن ڏيهه جا سيپئي گهٽي سرهائيءَ ساڻ دعا ڪندڙ وڏائي حضور مٿئين جا آهن ۽ جناب ميجر گولڊ سمڊ صاحب بهادر اسسٽنٽ ڪمشنر جنهن جي ڏاهپ ۽ پروڙ افلاطون وانگي سڄي ملڪ ۾ پڌري ۽ ان جي سخا ڪان سيڪو ننديو وڏو فيض پائيندڙ آهي.“[۲۱]

”مسٽر بولچند ڪوڏومل جڳتياڻي، هڪ اوائلي گريجوئيٽ هو ۽ سنڌي ۾ نهايت قابل هو. سندس جوڙيل ڪتاب ’انگليند جي تواريخ‘ ۽ ’ڌرتيءَ جو نروار‘ عمدي اصطلاحي سنڌيءُ ۾ لکيل آهي.“[۲۲] سن ۱۸۹۲ع وڏو انعام ۱۲۰۰ روپين جو جيڪو ڪوڏومل جڳتياڻيءَ کي فِلپ جي تاريخ انگليند باتصوير انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ تي مليو. انگليند جي تاريخ ۾ انگريزن جي نسل جي ثنا ايتري ٿيل هئي جو ڌرتي تي شايد ئي ڪا ٻي اهڙي قوم پيدا ٿي هجي.

سيٺ نائونمل جي شخصيت سنڌ جي تاريخ ۾ متضاد رهي آهي. سيٺ نائونمل شايد ۱۸۷۰ع ڌاري سنڌي زبان ۾ پنهنجي يادگيرين بابت ڪتاب لکيو يا لکرايو. هي ڪتاب انگريزي زبان ۾ سن ۱۹۱۵ع ۾ شايع ٿيو هو. سندس پوٽي راءِ بهادر آلومل ٽيڪمداس ڀوڄواڻيءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. سر ايچ . ايوان، ايم. جيمس، ڪي. سي. آءِ. اي سي. ايس، آءِ، انهيءَ انگريزي ترجمي کي ترتيب ڏيئي مقدمو لکيو. بعد ۾، ڪتاب : ‘A Forgotten Chapter of the History of India’ جي نالي سان ڇپيو. هي سڄو ڪتاب انگريز قوم ۽ سنڌ سرڪار جي جي تعريف سان ڀريل





آهي ۽ سڀ سرڪاري عملدار فرشتا ڪري پيش ڪيا ويا آهن. خان بهادر خان جو سنڌ جي تاريخ تي لکيل فارسي ڪتاب ’لب تاريخ سنڌ‘، انگريزن جي دور جي سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هي ڪتاب سنڌ جي ڪمشنر ايچ .اي. ايم جيمس جي فرمائش تي لکيو ويو هو ۽ ۱۹۰۰ع ۾ شايع ٿيو هو. هن باب ۾ خداداد خان انگريزن جي وقت جون حالتون، ڊائري ۽ دستاويزن جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن، جن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيئن سنڌ جي خدمت ڪئي. سڄو ڪتاب انگريز عملدارن جي تعريف ۾ لکيل آهي. سڄي ڪتاب ۾ خداداد خان اهو لکڻ نه وساريو آهي ته ڪهڙي عملدار سندس ڪهڙي تعريف ڪئي يا مٿس ڪهڙيون ڪهڙيون مهربانيون ڪندا رهيا ۽ ڪيس ڇا عطا ڪيائون. انگريزن ڪيترائي تاريخ ۽ جاگرافي تي ڪتاب لکرايا، جن ۾ سندن سورهيائي جا ڳڻ ڳاتل آهن. مثال طور: ننديرام لکيو آهي ته:

”جڏهن سنڌ جي اختياري، ڪم ڇوڙڻ ٻڌڻ جي واڳ قدر ڄاڻندڙن اهل قلم صاحبن جي هٿ ۾ آئي تڏهن ڄاتاءُ ته جهڙي طرح انگريزي سرڪار جي ٻئن ڏيهن ۾ مادري زبان سان سهنجائي ۽ خوبي ڪري سيڪو سرڪاري ڪم هلندڙ آهي تهڙي طرح هتي پڻ رواج ڏيون ته ڪم ۾ پڻ صفائي رهي ۽ عام کي بہ فائدو رسي انهن ڏيهن ۾ قدر ڄاڻيندڙ غريب نوازيندڙ رعيت کي وڻندڙ ۽ گهڻو ڪري سيکه علم جا گهرندڙ عالمن ۾ عامل فاضلن ۾ جناب مسٽر سر بارٽل فرئير صاحب بهادر اڳيون ڪمشنر سنڌ ۽ مسٽر ايلس صاحب بهادر اڳيون اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ جي سيکه پرڪري سنڌ ڏيهه جا جوڙ جڪ ڪندڙ هئا.“[۲۳]

انگريزن جي سموري دور جي ادب تي انگريزن جي عظيم قوم وارو فلسفو، سنڌي ادب تي غالب رهيو ۽ هنن اهڙو ادب تخليق يا ترجمو ڪرايو رهيا، جن وسيلي سندن حڪومت کي اخلاقي ۽ قانوني جواز ڏنل هجي. پر خاص طور تي اڻويهين صديءَ جي سموري ادب تي اهڙو لاڙو حاوي رهيو. سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن ان ڏس ۾ سندن شان ۾ ناول، ناٽڪ، مضمون، شعر لکيا ۽ ڇپيا. ان دور جا سرڪاري ترجمان، منشي، ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر آفيسن ۽ تعليم کاتي جا ترجمان اهڙي قسم جو ادب سرڪار کي ترجمو ڪري ڏيندا هئا يا تخليق ڪري ڏيندا هئا. هتي فقط ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن ، جڏهن ته هي پي ايچ ڊي جو موضوع آهي. هتي اها بہ هڪ تاريخي حقيقت

ورجائڻ ضروري آهي تہ جڏهن پورو يورپ جهالت ۽ تاريڪيءَ جي حالت ۾ هو، ان وقت جي سنڌ سڌريل ۽ تهذيب يافتہ هئي. اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي وسعت پيدا ٿي، ترجمن سان سنڌي ادب جي سگهہ ۾ واڌارو ٿيو ۽ نوان اديب ميدان ۾ اچي ويا. سياسي ۽ سماجي تنظيمن جو بنياد پيو، تعليم کي هٿي وٺرائڻ، ادب ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو رجحان وڌڻ لڳو. تڏهن سنڌ جي عام ماڻهن جي سوچ ۾ بہ ڦيرو آيو ۽ انگريز سرڪار جي خلاف نفرت ۽ حقن جي ڳالهہ شروع ٿي ۽ انگريزن جي زوري مڙهيل ’خدائي حق‘ واري فلسفي مان سنڌي ادب آزاد ٿيڻ لڳو. ان فلسفي جو دائرو گهڻو ڪري درسي ڪتابن جي ترجمن تائين محدود هو، عوام ۾ ان جون پاڙون ڪو نہ هيون. ان ڪان علاوه عام سنڌي عالم، نثر جي ڀيٽ ۾ شاعري جي وڌيڪ ويجهو هو، جنهن جو اساس سنڌي قصن ۽ ڪهاڻين جي مضبوط قدرن تي بيٺل هو. جڏهن سنڌي نثري ادب ۾ معياري ترجمن سان گڏوگڏ طبعزاد ناول، ناٽڪ ۽ افسانا لکجڻ شروع ٿيا تہ انگريزن جي ’خدائي حق‘ وارو فلسفو بہ ختم ٿي ويو .

## حوالا


۱. ۱. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ناول جي ارتقا‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ۱۹۸۶ع، ص: ۱۵۲،۱۵۱.

۲. لاشاري، فقير محمد، ’سنڌي ادب جو تاريخي جائزو‘، ماهوار سنڌو، سيپٽمبر، ۱۹۸۶ع، ص: ۸۹.

۳. دولترام، جي رام داس، ’سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۰۹ع، ص: ۳۶، ۳۷.

۴. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’سنڌي دب جي ارتقائي تاريخ‘، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، ۲۰۰۹ع، ص: ۲۲.

۵. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، ۱۹۹۰ع، ص: ۴۶.

۶. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند،’سنڌي ٻولي جي تاريخ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۱۹۷۲ع، ص: ۲۵۷.

۷. امر جليل، ’لهندڙ سج جي لام‘، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، ۲۰۱۰ع، ص: ۱۵.







۸. يوسف شاهين، ’انگريز سرڪار ۽ شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ‘، پيڪاڪ پبلشرز ، سنڌ، ڪراچي، ۲۰۱۹ع، ص: ۲۰.

9. Burton, Richard F., ‘Sindh And The  Races that Inhabits the Valley of the Indus’, London: WM. H Allen & Co, 7  Leaden Hall Street, 1851, pp.83-84.

۱۰. امر جليل، ’لهندڙ سج جي لام‘، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، ۲۰۱۰ع، ص: ۱۵.

۱۱. پنهور، محمد يوسف، ڊاڪٽر، ’سنڌي ناٽڪ جي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ۱۹۹۲ع، ص: ۱۸.

۱۲. ملاح ، مختيار احمد، ’سنڌي ناول جي تاريخ‘ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ۲۰۱۰ع، ص: ۴۹.

۱۳. ٽانور داس، منشي اڏارام ۽ ساڌو نولراءِ، ’راسيلاس‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۱۹۸۵ع، ص: ۲۲.

14. Mallah, Mukhtiar Ahmed: ‘Educational Progress in Sindh during 19th Century’ (Compilation of Reports) , - under publication

۱۵. ملاح ، مختيار احمد، ’مغربي سنڌ شناس‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ۲۰۱۳ع، ص: ۲۹۶.

۱۶. آغا سليم، ’سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت‘، (سنڌي ڪهاڻي، ترتيب ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي)، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف بمبئي، ۲۰۰۰ع، ص: ۴۴.

۱۷. شاهہ، ميران محمد، سيد، ’مفيد الصبيان‘، سنڌ جو تعليم کاتو، ڪراچي، ۱۸۶۱ع، ص: ۱.

۱۸. ميراڻي، نندي‌رام، ’تواريخ سنڌ‘ ،مفرح القلوب ڇاپخانو، ڪراچي، ۱۸۶۱ع، ص: ۳.

۱۹. ملاح، مختيار احمد، ’اڻويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ‘، بلاول انسٽيٽوٽ آف رسيرچ، نوابشاهہ، ۲۰۱۷ع، ص: ۱۷۷.

۲۰. قاضي، غلام علي، ’هندستان جي تاريخ‘، تعليم کاتو، ڪراچي ۱۸۵۴ع، ص: ۱۲۳.

۲۱. ساڳيو حوالو، ص: ۱۲۳.

۲۲. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ’سنڌ جي هندن جي تاريخ‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۲۰۰۶ع ، ص: ۳۱۱.

۲۳. ميراڻي، نندير، ’تواريخ سنڌ‘، مفرح القلوب ڇاپخانو، ڪراچي، ۱۸۶۱ع، ص: ۴.